# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1973
# اولهه پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1973
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of West Pakistan Act XX of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1973
# اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[29 ڊسمبر 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ

| | |
|---|---|
| جون شيون (ضابطو) (سنڌ ۾ ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ان جي دفعہ 9 کي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ ذيلي دفعہ (2) جو اضافو ڪيو ويندو، يعني:<br>"(2) جيڪڏهن خوراڪ کاتي جو ڪو عملدار يا ملازم راشن ڊاڪومينٽ جاري ڪري ٿو يا جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا جاري ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ ڪوڙو آهي تہ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعہ 9 جي ترميم<br>Amendment of section 9 of West Pakistan Act XX of 1958 |